# سڌ پڙاڏو ساڳيو

[معاصري ڪشنچند بيوس شناسي گرنٿ]

# شعرِ بيوس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



# سڌر پڙاڏو ساڳيو

## مهاڪوي ڪشنچند بيوس شتابدي گرنٿ

بيوس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سڏ پڙاڏو آهه سا ڳڻيو پر ٻڌڻ ۾ ڇو پيا ٿيا ؟
سمجهه سا سوچي سهي ڪر، آه وائيءَ ور ڪٿي ؟

❋

## داتا

” ڪئن لکان “ چاٽان رڳو، ” ڇا لکان “ سل ٿون ؛
ڪندس پوري بانسري ، ڦوڪيندين ڳل ٿون ؛
پنڌ ڪرڻ مون کان پڄي ، وات وٺي هل ٿون ؛
پاجهه پيريا ! پل ٿون ، هن ’بيوس‘ ۾ بي زور جو .

’بيوس‘

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سڌ پڙاڏو ساڳيو

## [مهاڪوي ڪشنچند بيوس شتابدي گرنٿ]

❋

ڏاڍر جنم ڏيڻ سان ٻچن کير جي وَهائي
سنسار ۾ سفر کان پهرين سمر اچي ٿو

’بيوس‘

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

All rights reserved

حق واسطا قائم

**BEWAS WANI MANDIR**

بيوس واڻي مندر

***Publisher :***

Shri Hundraj Dukhayal
President
Bewas Wani Mandir
Adipur (Kutch) - 370205
(Managed by Gandhidham
Maitri Mandal)
Registered under the Societies
Registration Act XXI of 1860

شايع ڪندڙ -
شري هوندراج دکايل
پريزيڊنٽ
بيوس واڻي مندر
آديپور (ڪڇ) - ٣٧٠٢٠٥

***Printers :***

Shri Kanayalal G. Karna
Sunder Printing Press
Kaiserganj, Ajmer - 305001

پرنٽرس -
شري ڪنيالعل جي. ڪرنا
سندر پرنٽنگ پريس
ڪيسرگنج، اجمير - ٣٠٥٠٠١

Edition - First

ڇاپو - پهريون

Copies - 1000

ڪاپيون - ١٠٠٠

**Rs. 50 (Fifty)**

پيڻا - پنجاهه (٥٠) روپيه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



مهاڪوي ڪشنچند 'بيوس'

جنم
۱۸۸۵-۲-۲۵

نرواڻ
۱۹۴۷-۹-۲۳

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سڏ پڙاڏو ساڳيو
[مهاڪوي ڪشنچند بيوس شتابدي گرنٿ]


| وشيه | سوچي | صفحو |
|---|---|---|
| گذارش | | (٧) |
| شعرِ بيوس | | ١ |
| شيرين شعر | | ١١٥ |
| مؤجي گيت | | ١٥٧ |
| گرونانڪ جيون ڪوِتا | | ١٦٧ |
| بيوس گيتانجلي | | ١٩٧ |
| پنکڙيون - پن | | ٢٣٧ |
| اخلاقي ورق | | ٢٧٥ |
| سنڌي ساهت سميلن ڪراچي مارچ، ١٩٤١ | | ٣٣٣ |
| پاڳيا اسڪيم | | ٣٥١ |
| بيوس هڪ اڀياس | | ٣٧٧ |


Soorih Mirani - Nauderp

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سٿ پراڻو وساڳيو

[معاصري مشتمل بيوس شاعريءَ گرهڻ]

# شعر بيوس

Soorih Mirani - Naudero

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# شعر بيوس

## ستار قدرت

طرح طرح جا عجب تماشا، رچي ٿي ڇا ڇا اپار قدرت!
ڳجهو جڳت جي اٿي اٿي ۾، وسي ٿو سائين ستار قدرت!
ڪلي ڪلي رس ڀري چمن جي، مزا مڃائي پکي پرندو،
کُلي رسيلي هوا بسنتي، ڦري ڦلي ٿو بهار قدرت.
پڃيون پياليون گلن ڦلن جون، ڪلي ڪٽوري عجيب سوڀيا،
ڀريون صراحيون سڳنڌ واريون، هوا ۾ هاري عطار قدرت.
زبان زبان مان عيان اچي ٿو، بيان ڪنهنجو جهان والي!
ٿئي ٿي تو تان جناب عالي، هزارين دل سان نثار قدرت.
وڏيون ڪشاديون جهان جون ڏاڍيون رکين هڪيون ٽون سين اڳيان ٿو،
ڪٽي ڪٽي مان ٻڌي گهٽو ٿو، اٿي منجهان ٿئي انبار قدرت.
اکٽ خزاني منجهان ڀلارا، ڀري منجهين ٿو مندون مدامي،
ڪپي نه جهونو، نئون اُپائين، ڀريو رکين ٿو ڀنڊار قدرت.
اچي سفر ڪان اڳي سمر ٿو، رزاق ”بيوس“ رکي ٿو اونو،
جنم وڃڻ کان اڳي جڳت ۾، ڪري ٿي ڪاڏو تيار قدرت.

□

## جوت

جڳت ۾ آتمڪ جوتي جڳائين جوت وارا ٿو،
ستھ پرڪاش پنهنجي سان ڀرين تارا ستارا ٿو.

١- اروُپا! روپ مندر ۾ جلائي پريم جي اگني،
ڏيڻ لء آپ آهوُتي، رچين دل جا دوارا ٿو.

٢- اپاري آد کان ٿي، ٿو بکين بي انت رچنا مان،
ٿي بيرنگي رچائين رنگپور ۾ رنگ نيارا ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۷- آخر اچي سي گڏبا، خالص ۾ خاص ”بيوس“
’مان‘ ’تون‘ ۽ ’هو‘ جو آهي رستو اگر نه ـ واٽو.

□

## همدردي

ڳوڙهن سان تنهنجي ڳاڙهيڙ منهنجو به خون آهي،
سوداءُ سر ۾ تنهنجي، منهنجو جنون آهي.
۱- تنهنجي بهارڪان ٿي، منهنجي چمن ۾ چهچٽ،
تنهنجي زبان ٿي منهنجي حالت زبون آهي.
۲- نقدي خوشيءَ جي خرچي غم ٻئي جو تو خريدي،
همدرد جي دنيا ۾ نيارو نمون آهي.
۳- ويو رات ڪي اکين مان آرام موڪلائي،
ڪنهنجو ڪچو ڪنن ۾ پڙو پرون آهي.
۴- پر درد ٿي جلي ڏئي سرڪنڊ جان سڳنڌي،
جنهن ۾ هي ديوتا سا دنيا نه دون آهي.
۵- جو پر پگهر ٿي پنهنجو لوهو تو لال هاري،
جوڏو جوان اهڙو جڳري اجون آهي.
۶- هي حال دل جو ”بيوس“، تون پاڻ ٿي سهي ڪر،
آتش جو آهه تو ۾، مون لاءِ سڏون آهي.

□

## سچي راحت

ڪڏهن تو ڪا ڏٺي ماڻي، مٺي من جي سچي راحت؟
نه جنهن جهڙي سچهي ٿي ڪا، سٺي سنسار ۾ نعمت!
۱- مهانگي چيز مڙني ۾، بنا مله جي ميسر ٿئي،
نه جنهن کي ناز ناڻي ٿي، نه جنهن ۾ ڪا لڳي لاڳت.
۲- ڪپي ٿي طبع سا عالي، هچي جي پاڻ ڪان پالهي،
خوديءَ جي خيال کان خالي، ڪري مخلوق جي خدمت.
۳- سدا همدرد دل ڏاري، سدا ناتا نه جا ساري،
پراون سان پوت پياري، رکي جا عام سان اُلفت.

خوب قولن سان قلبل باد بهاريءَ کان پڇون،
لات بلبل کان ۽ ڪوئل جي ٽنواريءَ کان پڇون؛
آسمان! تنهنجي ستارن ۾ هي چمڪو ڪنهنجو؟
نور جي نوري منجهان ناچ جو چمڪو ڪنهنجو؟

(٤)

نيم - مندر ۾ رهي سونهن جي ديوي ٿي سدا،
نينهن وارن سان جتان خوب ڪري ناز و ادا،
پوت وارن کي پري کان ئي پسائي ٿي لقا،
ڪيس اوڏو ٿي ڇهڻ جي نه رکي ڪو به ستا،
پاڪ مندر مان اچي پاڪ، وڃي پاڪ وري،
پنهنجي طالب کي ڏئي پاڻ عوض جسم پري!

(٥)

سارو سنسار ڏسو پدمڻ جي اکيان ڏاڻ ڏئي،
باغ گل، هار ڏئي، عطر جي سوهاڻ ڏئي،
جهول موتين جا پريو موج سان مهوان ڏئي،
لعل، ياقوت، رتن، سون، رپو ڪاڻ ڏئي،
ڏاني هر جنس بڻي سونهن جي سودار اکيان،
تابع هر دل جون حدون حسن جي سرڪار اکيان!

(٦)

جا مجازيءَ کي سجهي مڪتب سندي مورت ۾،
سونهن 'بيوس' سا حقيقيءَ لاءِ سچيءَ قدرت ۾،
ڪا به بي سونهن سجهي چيز نه ٿي فطرت ۾،
جا بجا حسن حقيقت جي صفا صورت ۾،
ٿي سگهي گر ڪو حواسن جي حڪومت کان پري،
هوند هر چيز ۾ دلدار جو ديدار ڪري!

Sodhi Mirani - Naudero
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## همالي

(١)

أي هند جا سهارا، پکراج ڏاج وارا،
ناموس ۾ نيارا، منهنجا همالي پيارا،
ذرڙيءَ مٽان وسين ٿو،
آڪاس سان گسين ٿو.

(٢)

مشهور مانسروور، سانپوءَ سنڌوءَ سندو گهر،
ڀارت جي آس آڌار، ڪيتن جو ڀيٽ - پرور،
ڪيئي نديون ڀري ٿو،
پاڻي پڇي پري ٿو.

(٣)

اوُچا، عجيب لانگها، نيتي ۽ پرنگلا جا،
خيبر ۽ بار ليچا، بولان گهاٽ گهاٽا،
ليڪن انهن لڪن مان،
مشڪل گذر ڪچن ڪان.

(٤)

ڀوُمان ڪان حڪم ڏنهنجو، هالار ڏي هلي ٿو،
هن ڀر ٿبيت ڪوٺو، هن ڀر ڏي هند ڀوٺو،
جنهن جون هزار چوٽيون،
آڪاس ڏان ٿي موٽيون.

(٥)

سملا، مري مسوري، صحت جي لءِ ضروري،
تو ۾ هرڻ ڪٿوري، پشمي ٻڪر انگوري،
جن مان ٿهن ٿيون شالون،
ڪشمير ۾ نراليون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

( ٦ )

سورج - هوا هٽن سان، ڀاڙي ڪنڌيو سمنڊ مان،
ڪيلاس ڪلس ڀرسان، چاڙهي ٿو پاڻ پرڏاهان،
ڏارا جتان لهي ٿي،
ڀاڳيرٿي وهي ٿي.

( ٧ )

وهندي لهي لڪن ٽان، جمنوٽري جبل مان،
گڙ گڙ ڪندي گرجنا، جل جوش واري جمنا،
پرياگ ۾ پڄي ٿي،
گنگا ۾ گپت ٿئي ٿي.

( ٨ )

آڪاس گنگ ٽوٽي، هر روز ڪير اوٽي،
برفيءَ جي برف برسي، چوٽين مٿان ٿي چمڪي،
هنگلاڄ تي شام هاري،
اُڀ چنڊ ٽلڪ چاڙهي.

( ٩ )

آهين اصل تون عالي، ڌرتيءَ تي بي مثالي،
ليڪن قديم سالي، بلڪل اٿر ڪان خالي،
تون عمر مان نه ڇاٽين،
جوڀن سدا تون ماڻين.

( ١٠ )

تون حڪمتي خزانو، تون معرفت مڪانو،
تون شانت - شاميانو، نروان جو نشانو،
گلزار گيان جو تون،
استان ڏيان جو تون،

Soorih Mirani - Naudero

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

( 11 )

'پيوس' کي سل، همالا، ٿورا اگيان حوالا،
سادا گذر جا چالا، اوچا خيال اعليٰ،
ڦيرو پنيرو ڪر تون،
دَر پوئتي نظر تون.

□

تاج محل

( شاهي لڙڪ )

( 1 )

درد دل جي ڪان تنتڻ تي هو جڏهن ساز محل،
شور ماتم کي مچائڻ تي هو آواز محل،
دار دنيا مان نباهڻ تي رسيو ناز محل،
تڏهن مانداڻ منديو تنهنجو تي ممتاز محل،
شوق شاهيءَ سان جڏهن فرض محبت جو گذيو،
توکي اي تاج! تڏهن حسن نزاڪت سان اڏيو.

( 2 )

تخت طائوس ڏٺيءَ ڦيري، خزاني تي نظر،
۽ محبت جي اڳين مست، زماني تي نظر،
حسن اخلاق پرئي زيب، زناني تي نظر،
پنهنجي انجام سندي شان، شهاني تي نظر،
چشم گريان مان لڙي، لڙڪ پئي تي ڏار ٿيا،
جي ڦري تاج جي صورت ۾، جنادار ٿيا.

( 3 )

خاص جنت جي فرشتن هو رٿيو نقش و نگار،
ٿي اڏاوت جي نزاڪت تي پئي نثار،
ساز صنعت جو ڏسي، مست ٿيو ماهر معمار،
آگرو اوج رسيو، موج ۾ جمنا جو ڪنار،

مانُ ممتاز کي هن تاج جي هستيءَ جو مليو،
شان بيگم کي وڏو پيير پرستيءَ جو مليو.

(٤)

سنگ مرمر جي صفائي ۽ سهائي گڏجي،
تنهنجو چمڪاٽ ۽ چانڊاڻ چٽائي گڏجي،
رات چوڏهينءَ ۾ پوون ڪير ملائي گڏجي،
صاف نهرن ۾ بکن عڪس اچائي گڏجي،
آب چشمن جو ته اُستاد مصّور جي مثال،
تاج تصوير ڪيڻ سان تو ڪري عين ڪمال.

(٥)

تنهنجي باغن ۾ سدا آهي بهاريءَ ري بهار،
بي خزان آهي سدا سبز صنوبر جي قطار،
تنهنجي گلشن مان هلي باغِ عدن جي هبڪار،
چشم بلبل تي چڙهي خوب نظاري جو خمار،
آب ڪوثر جي ڦڙن سان ڦوهارا چٽڪيا،
گويا آڪاس منجهان سهسين ستارا چٽڪيا.

(٦)

ڪُهن ساليءَ جو اثر تنهنجي نوائيءَ تي نه ٿيو،
ڪوپ قدرت ڪان ذرو ضعف پڪائيءَ تي نه ٿيو،
داغ دامن جي ڪڏهن صاف صفائيءَ تي نه ٿيو،
ڪوبہ جهلڪاٽ، اچا جوت جهڪائيءَ تي نه ٿيو،
خاڪ ۾ خاڪ ٿيا ممتاز محل، شاهه جهان،
ليڪ 'بيوس' پيو جڳي توکان سندن نانءُ نشان.

## غريبن جي جهوپڙي

( ۱ )

جا آهه جائداد نه ورثي وبال کان،
ٽيندي نه زير بار جا گروي جي خيال کان،
اونو نه جنهنکي آهي کو جوکي جنجال کان،
هلکي رهي جا هنيانءَ تي سوَلي سنڀال کان،
جنهن ۾ غرور زر نه سراسر سگهي گهڙي،
الا! جهري ۾ شال غريبن جي جهوپڙي.

( ۲ )

جا ونءُ وجي ٿي چيز ڪنهن نازڪ نفيس کان،
آجي رهي جا اوچ گذاري جي ريس کان،
پڻ تي پناهه ۾ رهي حاسد، حريص کان،
ڏاري نه خاص خوف کو خوني، خبيث کان،
بي ڪرف ۽ ڪڙي رهي سوگهي صندوقڙي،
الا! جهري ۾ شال غريبن جي جهوپڙي.

( ۳ )

چانگي چنو اڏيائون لامن لڪن منجهان،
سادو اجهو سٽيائون پرائن پُکن منجهان،
ڪاڍو ڪيائون ڪَرَبَ جي ڪانن ڪکن منجهان،
پورهيو پَٽيائون پاڻ ۽ سَرڻن سکن منجهان،
مفتي مدد ڏي آيا مچي مڙس تي مڙي،
الا! جهري ۾ شال غريبن جي جهوپڙي.

( ۴ )

جنهن تي نه نقش ساز کي کو ناز تو رهي،
رازو، ڊڪڻ، نه جنهن تي کو لوهار تو وهي،
چوني، پٿر يا سر جو نه سر بار جا سهي،
”محصول جاء“ ڳاهه جي هيڏان نه جا ڳهي،
مسواڙ بي مهار جي آهي نه جا ڀڙي،
الا! جهري ۾ شال غريبن جي جهوپڙي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

( ٥ )

سچ، چنڊ واجهہ تو وجهي جنهنجي وٽين منجهان،
ڏرڪيو اچن ٽا ڏِرورا ڏارن ڪٽين منجهان،
پـٽڪا ڪندي پڇي هوا جنهنجي پٽين منجهان،
چـٽڪار مينهن ٽو ڪري چِڻڪي چِـٽين منجهان،
قدرت سنڌي ڪمال، صدت لاءِ سوڪڙي،
الا! جهري ۾ شال غريبن جي جهوپڙي.

( ٦ )

جنهن ۾ مزو مچي مٺي ڊوڊي جوئار ڏي،
سادو ڳذر وجهي نہ طبيبن ڏنوار ڏي،
پوڙهيو وجهي ٽو واڙِ وڏيوي چمار ڏي،
غالب پوي نہ حرص خوشيءَ جي خمار ڏي،
’بيوس‘ جتي جلائي نہ چنتا جي چوُچڙي،
الا! جهري ۾ شال غريبن جي جهوپڙي.

□

إنسان

جي هجي ذات کي ها پاڻ ڇپائڻ جو خيال،
ڪين هرگز ها ڪري ڏوکي بنائڻ جو خيال.

١- روح ڏنهنجي کي ڪري نور مان ڪئن ها پيدا،
جي هجي ڪيس نہ ها پيد بتائڻ جو خيال؟

٢- شڪل آئيني مان ڏنهنجي ٽي رچيندڙ ٽي بکي،
آهي هي پاڻ بنا پاڻ ڀسائڻ جو خيال.

٣- ٽي منّور ٽي جڏهن جوت منجهان منش ٻڌي،
هو ڏڏهن خاڪ ۾ خورشيد سمائڻ جو خيال.

٤- ڏو ۾ يزدان جڏهن پريم ڀري دل ٽي ٻري،
هو ڏڏهن ڏار ڪري ڪيس ملائڻ جو خيال.

٥- عشق ڏاران نہ هلي دل ڏي حڪومت ڪنهنجي،
هو نہ طاقت سان ڪو قدرت کي دٻائڻ جو خيال.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(٥)

سطح آبيءَ تي هوا، ڪئن لهر تي ٻوڙي سگهي،
لهر تي ٻوڙي هزارها ٻڙ ٻڙا جوڙي سگهي،
سي ڦنڊيل ڦوٽا وراڻي لهر ۾ لوڙهي سگهي،
ڪن ۾ تي جوڙي سگهي ۽ ڪن ۾ تي ٽوڙي سگهي،
جي هوا ۾ خود نه جوڙڻ جي هجي طاقت قيام،
هن طرح سان هوند ٽوڙڻ ۾ نه ٿئي ها بي لغام.

(٦)

خاڪ ۾ دٻجي به آهي چشم ٻج جو ڪئن سجاڳ!
ٿو گهري ٿياڳڻ انڌياري قبر ۾ مڙدن جو ماڳ،
آهه رڳ رڳ ۾ سندس نوَ زندگي ڏارڻ جو راڳ،
آزمائڻ ٿو گهري ٻاهر، پوريءَ دنيا ۾ ڀاڳ،
ڪين شعلو زندگيءَ جو ٿو وسامي زير خاڪ،
تي شرارو ٿو ڪري خاڪي گريبان چاڪ چاڪ.

(٧)

موت جو سهڻو ملائڪ آهه رحمت جي سمان،
بدنمائيءَ ۽ ڪراڙپ تي ڪشي ڪرڙي ڪمان،
ڪُهن ساليءَ، ضعف حاليءَ کي پلائي بيگمان،
پشت پيشانيءَ تي آڻي نوَ نزاڪت جا نشان.
عمر جي چهري تان 'بيوس' گهنج ٿو ميٽي ڇڏي،
نيڪ بد اعمال کي ويسر سان ٿو ريٽي ڇڏي.

□

## نوائي

(١)

تنهنجي دنيا ۾ نوائيءَ جو سدا آهه جشن،
جنهنجي لڪي لئي رهي موج ۾ هر دل تي مگن،
صاف سوَلي تي گذر لاءِ لڳي راهه ڪٺن،
ٿيو جدائيءَ ۽ جفا سان به جيئڻ لاءِ جتن،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اهڙي دنيا کان، جتي موت جو مارؤ ٿو وڃي،
جي نوائي نہ هجي، هوند هجي هرڪو پڇي.

( ٢ )

حسن جو آهين زماني ۾ ٿون جبرو هٿيار،
تنهنجي هستيءَ تي رهي سونهن جي هستيءَ جو مدار،
رؤپ جي راڳ اڳيان آهين سريلي تون ستار،
هر نظاري جي نظر نؤر نوائيءَ ري نڪار،
جي نہ هر شيءِ تي هٽي چاپ نوائي پنهنجي،
حسن جوکي ۾ ڏسي هوند وڏائي پنهنجي.

( ٣ )

ٿو سچائيءَ تي نوائيءَ جو جڏهن رنگ چڙهي،
سون منديءَ ۾ تڏهن گويا ڪو هيرو ٿو جڙي،
آ هنر سو جو نموني ۾ نئون گهاٽ گهڙي،
نؤ زبانيءَ ۾، مگر پُرت پراڻائي پڙهي،
پيو پراڻپ تي نوائيءَ جو جڏهن ويس وڳو،
گرچ جهونو هو گُڏو، خؤب سو محبؤب لڳو.

( ٤ )

هيچ اڄ آهہ اُهو ڪال هٺي عبرت جنهنکي،
علم هو ڪالهہ، چؤن اڄ ٿا جهالت جنهنکي،
عيب شايد ٿئي سڀان، اڄ ٿي نزاڪت جنهنکي،
سا ڪٿي چيز، نہ تبديل جي عادت جنهنکي؟
گرچ خود ذات حقيقيءَ ۾ نہ ڦيرو ٿو اچي،
فرق تہ بہ رؤپ صفاتيءَ ۾ جهجهيرو ٿو اچي.

( ٥ )

ڏينهن ٿو روز ڏئي پرهہ سان پيغام عظيم،
”مان نوائيءَ کان نئون آهيان، قدامت کان قديم،
رمز منهنجي نہ پروڙي نہ بہ آهي سو حڪيم،
مون سان گڏ جو نہ هلي تنهنجي ٿي حالت ٿئي سقيم،“


Scanned with CamScanner

ٿي هنرمند نوائيءَ جي نه ڦيري سان ڦري،
تنهنجي تقدير چڙهي چوٽ تي 'بيوس' تي ڪري.

□

## آزادگي

(١)

ٻاٻري ڪندين منجهان تنهنجو گذر، آزادگي،
تو وسايو سخت سو فولاد گهر آزادگي!
جنهنجي توڙڻ لءِ کپي جانٺو جگر، آزادگي!
ڪنهن مصيبت جو نه ٿئي جنهن تي اثر، آزادگي!
مست ٿي تنهنجي مٿان انسان ٿئي ٿو بي ڊپو،
جو ٻٽي پروانو ڏي ٿو تيز آتش ۾ ٽپو.

(٢)

شخصيت جي گپت شڪتي تو بنا ذڪري نه ٿي،
ڦات ڪائي زندگي اِنسان جي نسري نه ٿي،
روشنائي روح جي اونده منجهان اُڀري نه ٿي،
قوميت نا ڪارگر ٿي ڪنهن طرح سڌري نه ٿي،
پاڻ تي پاڙڻ ۽ خودداريءَ جو ٿو ٻڻ ناس ٿئي،
آتمڪ اُنتيءَ سندو هڪ خاص ٿو گڻ ناس ٿئي.

(٣)

دم ڏبيل، نرگهٽ گهٽيل، تو بن ٻڪر ٻوسات آهه،
راڄڌاني رمز سان انصاف جي جڙ ڪاٽ آهه،
داد سان بيداد جي ويجهي عزازت وات آهه،
ٽمڪندڙ، ڦر ڦر ڪندڙ، ٻي جوت جيوت لاٽ آهه،
داب ڪان دٻجي وڃي ٿو درد دل رنجور ۾،
زخم دل ظاهر ٿئي ٿو نيت ناسور ۾.

(٤)

دُود مان دکندي اُٿي ٿي ٻاه سا پڙڪو هڻي،
جا جلائي جان کي جذبات جون چڻگون ٻڻي،
جڻن مخالف واءُ چنڪي تڻن ڪري تيزي گهڻي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪين ٿا پير ٿڙي، ڌُوسي جيسين نه رحمت جي ڪٽي،
لازمي ناڪو رهي هن ٻاهه سان برسات جو،
جڏهن انڌاريءَ سان ٽعلق آ سهائي رات جو.

(٥)

ڪوڙ ماڻا ۾ مليل ڏاتار جي جا ذات آهه،
ء جنم لئي جنهنجي لءِ حقدار انسان ذات آهه،
جنهن ڪان وڌ سنسار ۾ سندر نه ڪا سوغات آهه،
تنهنڪي نت روڪي رکڻ 'بيوس' نه ڪنهنجي بات آهه،
عرش وارا فرش لئي ايندا مدد مخفي ڪٽي،
درد واريءَ دانهن لئي خود داد آڻيندو ڏٽي.

□

غلامي

(بيت)

(١)

صلاح :-

در پٽيو، پرلاءِ پيو: اُڏين نه اڏ طوطا!
وڃي وير وٽڪار ۾ لامن لڏ طوطا!
مالي قوم قبيل سان قربتون ڪڏ طوطا!
مَ ٿي مڏ طوطا! وڃهه مليو ٿيڻي واهه جو.

(٢)

وڃهه مليو ٿيڻي واهه جو، ڪولي ڪنپ اُڏام،
پرن هوندي پُرَ سندو ڪولو ٿي نه غلام،
مرغ هوائي ٿي هيا! مَرُ مَ مونجهه مدام،
درس نه دانه دام، طوطا! تنهنجي واسطي.

(٣)

طوطا! تنهنجي واسطي پڃري در پٽيو،
جي ڪنيءَ پاڻ ڪنين لئي، ته تو ڪيپ ڪٽيو،
سو آجو عمر ڪي ٿيو، جنهن هن وير وٽيو،
جڏان ماڳ مٽيو، تڏان عرش آزادگي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(۴)

جواب :-

آهن پکيري پيد سان منهنجون جيءَ جڙيون،
پڳجي پختيريون چکيون کايا منجهه کڙيون،
چيندي رت چٽيو پوي اوکيريون اڙيون،
اندر ماس مڙهيون، سنگهرون ساس سرير!

(٥)

سوڪڻن ماڳ، مٿائيان جتي جم، جمار،
ننڍڙيڻي نيپاج کان جنهن سان لنو لغار،
لاڻاني پل لوهه سان لڏئين سار سنڀيار،
بنا خوف خمار، اُتم جنهن جي آسري.

(٦)

جلد باز، جابر گهٽو پکيري ڏٺي پاڻ،
اڻ گس جنهن جا اڻ ميا ٻلي ٻجهن ٿا ٻاڻ،
اُوچا آهن عرش تي اُڏامندڙ اُهڃاڻ،
آهڙي کي اڻڄاڻ، ڏيندا ڪي وڄهه ويرجو.

(٧)

نازڪ نورا پير ۾، ڳچيءَ ۾ ڳاني،
نت منڙا ميوا منجهي مالڪ مهماني،
گوندر ري گذران جي ازحد آساني،
لطف لاثاني، پياري پکيري ۾ پسان.

(٨)

ٽيڪا :-

پکيري ۽ مالڪ ٻڌو 'بيوس' طوطي کي،
پر طوطي پڻ تن جي، آزاديءَ ۾ اڙ وڌي.

(٩)

جيسين 'بيوس' ٻاند ۾ هوندو هڪ غلام،
هٿي سگهندو هام، ڪوبہ نہ آزاديءَ سندي!

□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۱۳- ڪنهنجي مضبوطيءَ بنا ٿي ديش ڀڳتي بي جسي،
بن نمڪ جئن طعام ۾ هر چيز 'بيوس' بي چسي.

□

ڄ-ورهيت

( ۱ )

ٿو ڪٽي مان ڪيچ آٽي ڪنهنجو ساٿو هٿ شريف،
دستڪاريءَ ۾ دلاور آهي جو هنري حريف،
برڪتي بازن سان ڪنهنجي زور ٿو پائي ضعيف،
ٿو پلي رت ٿي ربيع ۽ خون ٿي ڪنهنجي خريف،
زر زراعت مان اُپائي پاڻ ٿو بي زر رهين،
بي گهر بي گهر بيگر ۽ هين ۽ بي سمر، بي گهر رهين.

( ۲ )

واهه واڇوڙي نه جو هيو ڪنهنجي لوهي جان ڪي،
بي دليو ڏاڍو ڪرڻ جو ڪين دم طوفان ڪي،
ناهه سرد ين ڪان سياندو ٿو عجب انسان ڪي،
ٿو سگهي لوڏي نه گرمين جو اثر ايمان ڪي،
پل پڳهر ٿمندو رهي يا وَڏ ڦڙو وسندو رهي،
منهن مگر هسندو رهي، هڏ هاڄ ۾ گسندو رهي.

( ۳ )

ٿي پتنگ ٿو جان سازي شمع شاهوڪار ٿي،
خود رهي ماندو ٿو آندي موج موزيدار ٿي،
گل ڏري بيدل ٿي پيئا، خوش رهين خود خار ٿي،
ڪوڪي بي سرتيءَ رسايو آهه حالت زار ٿي،
ڪنهنجي محنت جي شجر ٿي آهه پيل بي پاڙ ول،
جنهن رکيو ڪوڪي سکلي ۽ پاڻ کي سائو اول.

( ۴ )

آهه! ڏس جولش نظر سان ڪول هن هٿ جي ڪري،
جنهن سوا سنسار ۾ ڪنهنجي نه اڃ ڪائين سري،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪِٿِن نہ آهي بخت جي بهتر نشانِ سان ڀري،
مال، ڌن، عزت لئي آهي سوپ ان جي سوسري،
اُت، اُتي جاٽُو نظر سان ڌر نصيبن لئي نظر،
جا بجا پورب، پڇم ۾ آهہ پورهيت جي پچر.

(٥)

نُور ۾ تارا ٻڌن ٿا، آسمان! ماتم نہ ڪر،
آهہ سورج جي سواري ڌر لئون اوڀر لئي نظر،
دربدر اونڌهہ ڏسي ڪومائجي ويندو قمر،
چشم روشن لاءِ 'بيوس' آهہ خامي خوش خبر،
مالڪاڻي چيچڙي ۾ پيڙ جڻ ڪيسين روا،
پنهنجي دل جي پيڙ اندر پيڙجڻ ڪيسين روا؟

□

مزدور

( ١ )

خلق خود آهي مزدور تنهنجي ناليءَ لئي نهال،
آدرش جيوت ۾ تنهنجي جوت، جلوو ۽ جمال،
تنهنجي هر ڪنهن ڪارنامي ۾ ٻڪي قدرت ڪمال،
پر نہ پورهيت! آهہ لوڪي پنهنجي خوبين جو خيال،
ڪم گهڻو ڏيکاءِ ٿورو، ريت هيءَ تنهنجي انوپ،
قاتلن ميرن لٽن ۾ آهين ڀڪتيءَ جو سروپ.

( ٢ )

مَنُ، ڀڳهر، ليڙن لٽن ۾ ڀران ڀِٽ لوڪي وٺيو،
نيچ، پورهيت ۽ نماڻو مور مستڪ جو مٺيو،
اٽيو سٽيو، سادو سودو، ڀاءُ ڀيو جيڪي ڀٽيو،
رات ڏينهن پنهنجي ڳهڻ ڪي لو نہ ڳڻتيءَ سان ڳٽيو،
تنهنجي هن شد ڀاونا مان تو پتي راحت وٺي،
تنهنجي خوش چهري منجهان تازي لڪي طاقت وٺي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(٣)

ٿيو غريبيءَ ۾ نه گهڻ اولاد جو تو تي اثر،
شوق وَس ٿي ڪين چاهين پيٽ پيدا تي پٽر،
پنهنجي ڇاتيءَ تي نپائين لاڏ مان بخت جگر،
ذات تنهنجي ڪان رهي جو ست پرو، سوڪو سٻر،
سخت مشغوليءَ ۾ پڻ اولاد پالڻ بار ناهه،
ڪا به دائي يا دوائي يا مدد درڪار ناهه.

(٤)

سانگهه صرفي سان سٺيو گهر جو سچو تو سلسلو،
پنهنجي محنت سان ڪيو آسان مشڪل معاملو،
ڪنهن به چشڪي تي ڇُري تنهنجو نه ٿيو چت چلولو،
نت رهي آڻ جيت تو تنهنجي قناعت جو قلعو،
من رسيو تنهن چوٽ تي پهچي نه جت ڪا ريس ٿي،
تو وَڳهرجن تي ڪري آسودگي آسيس ٿي.

(٥)

تون پهڻ ڏيوئين ٿي رستن جا ۽ ٿاڪين ٿي تڪر،
ٿي حمالڻ بار ڏيوڻ لءِ رهين نت منتظر،
ڪارخانن ۾ وهائين صبر سان پنهنجو پگهر،
سهن شڪتيءَ تي مگر هرگز نه ٿيو اُلٽو اثر،
حسن جي حالت ۾ بڇين بد نگاهن جو نشان،
پر رکين بي داغ دامن عرش جي عصمت سمان.

(٦)

زندگيءَ جي اُوچ طبقن ۾ نه ٿيو تنهنجو گذر،
ڪنهن به اعليٰ شخصيت جو ٿيو نه تعليمي اثر،
پر پرايو خود حياتيءَ مان تو حيرت جو هنر،
ٿيو سکيو سنسار ۾ تو لاءِ سختين جو سفر،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهيــن 'بيوس' ۽ نماڻـي او مزورڻ استري!
پر پريڪيا وقت جيڪس آهين پورڻ استري!!

□

وقت - قاتل

(١)

تخت شاهيءَ تان جڏهن شاه زمان ڏاڻ ڏنا،
وقت سلطان تي پنهنجن کي سڏي پاڻ ڏنا،
مانَ دولت جا ۽ عهدن جا مڱي ماڻ ڏنا،
سي ڏيا جن تي لياقت جا کي اُهڃاڻ ڏنا،
تڏهن غفلت جي غفا ۾ هو ستل تنهنجو نصيب،
وقت - قاتل تي ٻڌئين هاء! حماقت ڪان غريب.

(٢)

پرهه ڪنگا ۾ ڪهڙي سورج اشنان ڪيو،
نُور توري ۾ تري تنهن تي طلا دان ڪيو،
سون مهرن جو تي آڪاس مان باران ڪيو،
روز روشن جي بلنديءَ تان تي اعلان ڪيو،
تون تڏهن پڻ هئين اکين هوندي انڌائپ ۾ عجيب،
وقت - قاتل تي ٻڌئين هاء! حماقت ڪان غريب.

(٣)

ڪوش جي ڏهل تي ڪهڙيال ڏمالون تي هنيون،
ڏينهن ڏينهن تي لنگهيا، راتيون تي راتين تي ويون،
مفت مدون تي متيون، مفت رُليوُن آيون نيون،
ٻال، جوڀن جون وهيون، پيسجي پرزا تي پيون،
آيو آخر ۾ 'پڄاڻ پيش'، جو پيغام قريب،
وقت - قاتل تي ٻڌئين هاء! حماقت ڪان غريب.

(٤)

وقت جي هرڪا ڪهڙي سون جي جهرڪيءَ جي مثال،
عرش تان اُڏري اچي تنهنجي هٿڻ تي، تون سنڀال،

پيٽ مٿ بند ڪري جهل، ته ڪرين عين ڪمال،
ورنه واپس ما اُڏي ويندي، هٿي ڏک جي ڏمال،
پنهنجي غلطيءَ کان سنل ڏک جو نه آهي ڪو طبيب،
وقت - قاتل ٿي بڻيا هاءِ! حماقت کان غريب.

(٥)

ڏو کي جيوت جا مليا ڏينهن به تي ڳاڻ ڳڻيا،
سي به سستيءَ جي هٿان سرجي مٿان بار بڻيا،
ڪاهلي - ڪوڏ وڃيا، موتي نه محنت جا وٽيا،
ڪين دنيا مان ڏٺيا هاج جي هيري جا مٽيا،
هاءِ! بيڪاري ڪئي پنهنجي ڏو همدرد حبيب،
وقت - قاتل ٿي بڻيا هاءِ! حماقت کان غريب.

(٦)

وقت جي ڪاڻ ڏي چنجو رجو چستيءَ جو هٽي،
لعل اقبال ۽ خوشحال جا ڪوتي سو ڪٽي،
اهڙي اسرار سان 'بيوس' ٿو ڳدا شاه بڻي،
لال جيجل جي جٽي گرب مان اهڙو ڪو جٽي،
وقت، ساٿي جو حياتيءَ جو، سو ڏنهنجو ٿيو رقيب،
وقت - قاتل ٿي بڻيا هاءِ! حماقت کان غريب.

□

## شاهوڪار

(١)

لال ٿيو ڏنهنجو دوشالو ڪنهنجي لوهه چاڻ مان؟
خون دل ڪنهنجو بڪي ٿو ڏنهنجي ڳل ڳاڙهاڻ مان؟
آه ڏر داماڻ عشرت ڪنهنجي اڪه آلاڻ مان؟
ساز راحت جو وڄي ٿو ڪنهنجي ڏنڌن تاڻ مان؟
ڪنهن ڪيو ڏو نر مڪي کي مفت ڪائو مالدار؟
آهه سا غافل غريبي شرم، شامت جو شڪار.

(٢)

ڪٿ نہ رت- چوُسي جوڙڪي لوڪ پيو 'سائين' سڏي ،
خون ڪاڇي جو ڪري دردي دليون خالي ڇڏي ،
خون جي سرخيءَ سان چن هيٺين هڏين وارو ڳڏي ،
شيش محلون شهر جون ٿو رشوتي رازو اڏي ،
آهہ پٿر دل جو شاهد فرد پٿر جاءِ جو،
سوز سو سر ۾ سمايل سود سُرَ جي واءِ جو.

(٣)

طمع هڙ هڙپو سبب ڪنگال ڪيءِ قرضدار،
تنهنجي مسواڙي محبت ٿي اُپايا بي دڳار،
فاحشي عشرت جي عادت سان وڌايءِ هر وڪار،
تنهنجي ٺهڪن تي هزارين چشم آهن اشڪبار،
جنهن وڌيو ڌن، مال، رتبو شان شاهوڪار جو،
تنهن وڌيو دنيا ۾ باعث زار جي آزار جو.

(٤)

ٻوُل ٿل سان چلڪندڙ ڏس پرٿوي هيءَ پيٽ پال،
جت ٻٽي ڪڪڙي، ڪجي، اُت ڪوٽ ڪي ڪوڙي مجال،
ڏوڪان ڳي شايد اُٿيو مشڪل- گذاري جو سوال،
تنهنجي خود غرضيءَ ڪٽي جيوت جنهن عيوض جنجال،
لوڙ ڪان وڌ ڪوڙ ڪي سوڙهو ڪيو تو سوڙهہ سان،
ٻر سٽيءَ سهسين سقيمي، گهرج لوهي لوڙهہ سان.

(٥)

ڪرم يوڳي ٿي نہ تو خود ڪرم جي قدرت ڏني،
ٽيل ٽڪاوٽ ڪان نہ ويساهين وٺي، فرحت ڏني،
ڪنهن بصر بڪ ۾ منا ماڻي نہ سا لذت ڏني،
تندرستيءَ جي نہ سالم تنب جي نعمت ڏني،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## الٽي آس

(١)

جي آس جي ٽوڪي آهي درڪار عمارت،
آ، ماڪ جي بوندن ٽي ڏريل يار! عمارت،
ڪر وهم ۽ ويچار ڪي معمار عمارت،
ڪر ٽڙت سا طوفان مان ٽيّار عمارت،
موٽيءَ جان پريان بڪي ڪٺن آب جو قطرو،
ڏاري نه ذرو ٽابش جو خوف ۽ خطرو.

(٢)

ناڻي جا ڳڏي ڪوڙ وڏو ٺاهه دڙو ڪو،
ان ڪوڙ مٿان ڪوڙ ڪٽي جسم جو ٻوٽو،
ڏس موج منجهان اوج ۽ اقبال جو ڦوٽو،
اوڏو نه اچي شال ڪو هن ڇوٽ ٽي لوڏو،
ٽر خون غريبن سان مگر خوب ٺاهو ڪر،
ٺاري ٽون بلا سر جي پلي دؤر ٺاهو ڪر!

(٣)

دل پوش جي چمڙي جو ته فولاد مٿي ڪر،
ٻو پيٽ جو گگدام جي گردن کي ڪٽي ڪر،
هر روز ڳهڻا ٿي نه سگهن، ڏوهه پر ٽي ڪر،
سائو ٽون شجر شوق جو پاڙن کي پٽي ڪر،
رک آهه سنديءَ باهه جي پرواهه نه ڪائي،
سڪ راهه ڏي ٻي آهه ادا، واهه نه ڪائي.

(٤)

’بيوس‘ جي طرح سمجهي ٽون وچ ڏرم جو دابو،
پڪ چاڙ ته چل چڙ سان ئي لوڪ کي چابو،
غمناڪ ڪري چاق، هتان هاڪ سان هابو،
شهراهه چڙي پاڙ، ڏنگو ڏيهه کي سابو.

Soomro Mirani - Naudero


Scanned with CamScanner

قائم ٿو رهي پاڻ پنيان ڊونگ بهانو!
چو نرم ٿجي پاڻ، جي ظالم ٿئي زمانو؟

□

## ٻوجا مندر

منهنجو مندر ٻه اُڃي درد سندو جت ڏيرو،
درد جنهن جاءِ ٿري، منهنجو اُڃي ئي ٿيرو.

١- چرڪ ماري مڻيءَ نڌ مان اُٿ رات اُٿان،
ٻوڙي اُت جلد پڇان درد جو جنهن جاءِ پيرو.

٢- جي هي هڏ، ماس ٻه ڪم عام جي خدمت ۾ اچي،
چو نه ڪوري ۽ ڪپي ماس ڏيان چوَ ٿيرو.

٣- سوز جي آهَ ڪتل ڪان جا جلڻ دل نه لڳي،
ٿيو شرف انجو پهڻ ڪان نه ذرو سرسيرو.

٤- پاڻ آڪاس ۾ شيوا جي اُڏايان اهڙو،
مثل عنقا نه لڀي منهنجو ڪٿي آکيرو.

٥- طبع همدرد جو ايڏو ته ڪشاد و پڙ ٿئي،
جنهنجو هر جاءِ ٿي مرڪز، نه مگر ڪٿ گهيرو.

٦- سادگي ساڻ، سچائيءَ سان اي 'بيوس' چمڪي،
دل ڪنول ڪنهن ٻه منڌائيءَ سان نه ٿئي شل ميرو.

□

## قرباني

ڏيڻ سان ٿو ٿئي حاصل، عجائب ڪار قرباني،
ڏيکاري ٿي سچو پوڄڻ، عجب اسرار قرباني.

١- اُڪالي ڪال ۾ ڪرتا ڏئي آنند مان اُچلون،
پرت رنگ سان رڱي رنگپر ٿئيءِ سنسار قرباني.

٢- مزي جو ساز اي سائين اپاري انگ تنهنجي ۾،
ڏيڻ سان پاڻ پلپل ۾ ڪرتار قرباني.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

١١- ڏيهه جا روشن ڏيا تي پاڻ ۾ان پرگهٽ ڪري،
تي انڌاوو گم ڪري اگيان جي انڌڪار جو.
١٢- پريم - جل اوُجل مٿان نرمل ڪنول جو گل رهي،
دل پنل مان واس ڏئي نت حب جي هبڪار جو.
١٣- گريونتي گرپ ۾ ڏاري پٽيءَ جي مورتي،
ڏس پتا سان تو ملي اڪثر مهانڊو بار جو.
١٤- قرب سان قربان ڪه ۾ جان تي گهوريو گهمي،
جس پريو انجو جيئڻ 'بيوس' سدا اُپڪار جو.

□

گل

پاڪ نوراني نظر ۾ چا نزاڪت گل جي،
سونهن سوڀيا ۾ سوائي سدا مورت گل جي.
١- ناز مان جڳن تي اچي ڪوپي کي ڪولڻ لءِ نسيم،
تي پوري کيس بہ خوشبوءِ سان خصالت گل جي.
٢- مک ماکيءَ، ڪي، پنور، پوپٽ ۽ بلبل ڪي،
باغ عشرت ۾ ڪليءَ دل سان تي دعوت گل جي.
٣- جي نہ مائل تو محبت ٿي ڪري حسن غرور،
چاڪون بلبل کي رهي خاص ضرورت گل جي؟
٤- داغ لالا جي دلين ٿي جي ڏنو، پنور ڏنو،
نقش پوپٽ جي پرن ٿي بڻي مورت گل جي.
٥- حسن جي آئيني ۾ عڪس حقيقي گل جو،
آه ديدار ۾ پي رونق رنگت گل جي.
٦- بره بوندون تو هڻي جوش ڪان جُل هلچل ۾،
واهه چشمي جي ڪناري ٿي ڪرامت گل جي.
٧- ناهه هرڪنهن جي نصيبن ۾ نہ جلوو ۽ جمال،
حسن جي ذات ڏئي خاص تي برڪت گل جي.

٨- لوهہ لوهي کي وڍي، پر نہ ڇني گل گل کي،
تنهن مان پڌري آهي دنيا ۾ نزاڪت گل جي.

٩- ڪوش-ڪندن کان جا گلچين کي تڪليف رسي،
سا ميسر ٿي ڪري موج ۽ راحت گل جي.

١٠- گل چمڻ ساڻ، لبن سان تو ملي گل قند ٿئي،
چاش چپ ساڻ ٿئي لالڻ ملاوت گل جي.

١١- صاف سيني سان سڄڻ تنهنجي، جڏهن گل گڏبو،
مان نہ سمجهان تو تڏهن ٿيندي قيامت گل جي.

١٢- شان ۽ شرم رکڻ لاءِ فنا هستي ڪندو،
جي بگاڙيندو هتن ساڻ ڪو عصمت گل جي.

١٣- سر وڪامي سر بازار تو يوسف گل جو،
دل زليخا ري ڪندو ڪير پيو قيمت گل جي؟

١٤- تو گلي هار بڻڻ لاءِ سهي سوز سوين،
اي جفاڪش! تون ذرا جاچ تہ جرائت گل جي.

١٥- تاج شاهيءَ تي ڪندو آهہ رسيو گل گڏجي،
تي ڪري مشڪ متيءَ کي بہ محبت گل جي.

١٦- هو گهٽو خيال مگر ڪين ڪلي ڪين ڪلي،
شعر ۾ 'بيوس' ناقص کان حقيقت گل جي.

◘

قيمت

شعر بيوس ۾ هوا تي مون مکڻ-ماڙي اڏي،
ڪٿ سگهي اُپ کي ڪيڇي هڪ ٽنگ ماکوڙي جڏي.

١- ٿار ميخاني متي مان ٻوند پي ناهي نصيب،
ڇا بہ آهين، ڇو بہ آهين مون پچر تنهنجي ڇڏي.

٢- ڇا ڪلاونتي ڪلا آهي ڪلا ساگر اڳيان،
ڪٿ اُڏي بي انت ۾ ڪيتن مُڏي گوندر مُڏي.


Scanned with CamScanner

٧- جوت ۾ جيوت وسي ٿي جوت جيوت ٿئي نئي،
نت ستهه روشن نگر مان جوت جيوت سان لٿي.
٨- ويو هليو ميلاپ وارو وقت 'بيوس' چاهه ۾،
وصل ٿاريل ٿر ٿڌو، وهمي وڇوڙي باهه ۾.

□

## هاءِ هاري!

(١)

ڏنهنجي ڏوير منجهان قوم جو ڪنياءُ بڪي،
ڏنهنجي فرياد مان بيداد جو ورتاءُ بڪي،
ڏنهنجي بد حال منجهان عام جو ايذاءُ بڪي،
مات ڏنهنجي مان غضبناڪ ٿو غوغاءُ بڪي،
جان جند پنهنجي جفائن ۾ پگهاري ڳاري،
ڪر پر دلاور ٿي اچا دل نه تو هاري، هاري!

(٢)

ٿي اُپيو اونڌو ڏو رونبن ۾ ڪٿي چيلهه ڪُبي،
پير پاڙيءَ ۾ ٿبيا، جان پسيني ۾ ٿبي،
زندگي ڏنهنجي غلاظت جي لپاٽن ۾ لبي،
جسم کي صاف ڪرڻ لاءِ نه صابڻ نه سبي،
موذي مرض ۾ پئي موت جو سولو ٿين شڪار،
ڏيو سقيميءَ جي سبب ڪو ۾ دوائن لاءِ ڏڪار.

(٣)

ڏو ڏنا پوکي ڳهٽا، پر نه ڪنيا قوت ڪٽا،
جي رڙا ها نه رجهڻ جا، سي چبيا سخت چٽا،
ڏنهنجي ڳنديڻ ۾ گهرڻ لاءِ، ڳُهٽائي ها ڳهٽا،
مال ڳاچي ويو، رهيا باقي ڏهن جا ڪي ڪٽا،
جنهنجي رت ساڻ ربيع، خون سان پلجي ٿو خريف،
هاءِ! ٻي قوت رهي پاڻ سو هنري ۽ حريف.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مرڪ ۾ تنهنجي سمايل سرس دردي داستان،
تنهنجي پيشانيءَ منجهان ثابت سچائيءَ جو نشان،
پاڻ تي پرڪيا وٺي پوءِ ڪي ٻه ڪهڙيءَ سان ڪهين،
سو چوڻ چاهين نه ٻئي ڪي جو نه خود رهڻيءَ رهين.

( ٢ )

وير قرباني مندر ۾ درد جي ديويءَ اڳيان،
چا نه چا پيتا ڏري تو شوق ۽ شردا منجهان،
دل، دماغ ۽ ٻل، ٻڌي، جند جان چاڙهيءَ چاهه سان،
مال ملڪيت ۽ ڪٽنب پرروار ماڪي پيار تان،
آدرش اوڏو امل هيرو حياتيءَ جو رکي،
سور سيحا تان شهادت جي مٺي ماکي چکي.

( ٣ )

تو جڏهن جاچيو غلاميءَ جي منجهيل تصوير کي،
ڪارگر جاتو نه ڪي شمشير يا تقرير کي،
ماٺ سان ميٺڻ گهريو تدبير سان تقدير کي،
رمز سان ٽوڙڻ گهريو هن ظلم جي زنجير کي،
زور جسماني ڇڏي، تو راز روحاني سليو،
۽ اهنسا جو نئون هٿيار حيراني سليو.

( ٤ )

مغربي دنيا رُني ٿي جنگ جون سختيون سهيو،
نير نيڻن مان وَهيو ٿي، خون زخمن مان وَهيو،
جن جتا ٿي جنگ کي پاڙان پٽڻ له پي پهيو،
اوچتو آواز هي ڪن تي اچي تن جو رهيو،
”ڪاميابيءَ لاءِ ڪينهي خون هارڻ جو ضرور،
تيز توبن سان مرڻ جو ۽ نه مارڻ جو ضرور“.

( ٥ )

ٿو تڪي تنهنجي تحرڪ تي مٿان شمس وقمر،
تنهنجي هل چل تي ٿيري ٿي خاص دنيا جي نظر،

٩- آس دل آهـ أجـڙ رات انڌاري ڪاري،
آهـ ’بيوس‘ ڪـي سچر سوُر سجهايل ورڻو.

□

آشانتيءَ ۾ آئڙ

(١)

شعر سازيءَ جي ڪا خوراڪ نہ شاعر لاءِ رهي،
خوشخياليءَ جي غذا مرد نہ ماهر لاءِ رهي،
جلوه بازيءَ جي چمڪ چشم نہ ظاهر لاءِ رهي،
ڪا أڏڻ جي جڳھ طبع جي طائر لاءِ رهي،
آس آڪاس ۾ روشن نہ ستارو ڏسجي،
هاءِ! اڄ هند مٿان ڏنڌ ٿـو ڪارو ڏسجي.

(٢)

آهـ هن گهور أنڌاري ۾ سهائي مشڪل،
جوت بي جوت بڻي جلوه نمائي مشڪل،
ڪابہ تصنيف جي جوهر جي صفائي مشڪل،
جوت اونده لـي ٿئي دست رسائي مشڪل،
نا أميديءَ جي نہ عالم جو ڪنارو ڏسجي،
هاءِ! اڄ هند مٿان ٿو ڏنڌ ڪارو ڏسجي.

(٣)

ڪين اڄ هند جي آسڻ تي سماڏي ٿي لڳي،
جنهن مان روشن ٿئي نظر ڪين سا جوتي ٿي جڳي،
ڪين حاصل سو، جو هو يوگ جي يڪتيءَ ۾ اڳي،
ناس سا ڏن تي آشانتيءَ جي نئين ناد وڳي،
لطف سازيءَ لاءِ سچو ٿو نہ سهارو ڏسجي،
هاءِ! اڄ هند مٿان ڏنڌ ٿو ڪارو ڏسجي.

(٤)

شانت - ساگر جي نہ گهرائي مان گوهر نڪتا،
خوض جي ڪاڻ منجهان لعل نہ احمر نڪتا،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نڪر نولاد ڳسائڻ سان نہ جوهر نڪتا،
گيان گلزار مان افسوس نہ گل تر نڪتا،
ساز سينگار جو سامان نہ سارو ڏسجي،
هاء! اڄ هند مٿان ڏنڌ ٿو کارو ڏسجي.

(٥)

نير نرمل نہ رهيو، هنج جي حاجت نہ رهي،
ڇڏي، مهراڻ مان موتين کي سڳهي ٿي نہ لهي،
ويهي ڪيڏن چوڳہ بنا هنس وڃائيندا وهي،
ايندا ڪانگيرا ڪندا ڪانگہ ٿي ڪاري تي ڪهي،
ڪونہ هن ڏينہن لئي ٿو ڏونڌ ري چارو ڏسجي،
هاء! اڄ هند مٿان ڏنڌ ٿو ڪارو ڏسجي.

(٦)

ساز هنديءَ ۾ سرن جي بہ ملاوت نہ رهي،
مؤج ميناج جي ۽ راڳہ جي راحت نہ رهي،
ڪابہ اتفاق ۽ اتحاد جي عادت نہ رهي،
يڪ زبانيءَ جي زبردست سان طاقت نہ رهي،
هرڪو پِرِ پنهنجي ۾ 'بيوس' ٿو نيارو ڏسجي،
هاء! اڄ هند مٿان ڏنڌ ٿو ڪارو ڏسجي.

□

### پريم پترو

(شڪوڻتلا لکي رهي آهي)

(١)

رشي بن جي ڦلواڙ ۾ ناهہ دل،
سڳنڌي ۽ سينگار ۾ ناهہ دل،
مرگهہ، مور جي لار ۾ ناهہ دل،
ڪٽيا جي ڪنهين ڪار ۾ ناهہ دل،
رهي دل اُداسي ٿي ويچار ۾،
سدا - سونهن ساگر سندي سار ۾،

( ٢ )

بسنتي هوا برج ۾ ٿي گهلي،
ٽڙي تار هر ڪا گلن سان جهلي،
پرنتو ڪنول گل نه دل جو کلي،
اُچل سان اکين مان ٿو پاڻي چلي،
پڇي پوچ پتر پوي لال ٿي،
لکان مور جي ڪنپ سان حال ٿي.

( ٣ )

چوي دل لکي ڏي لڇا ٿي جهلي،
ڌرم ۽ مرم ٿو پرت ڪان پلي،
حيا جي حڪومت هٿن ٿي هلي،
ڪنيا ٿي، سگهان سوز دل ڪئن سلي؟
اي انسويه ۽ پريمدوا! ڇا لکان؟
بتايو بره جو لکڻ ڪئن سکان؟

( ۴ )

لڳي نينهن جي جنهنکي ناوڪ ٽکي،
وٽي ڏيل ۾ جا ڏکن سان ڏکي،
نه جا سوز ساندڻ اندر ۾ سکي،
نکي حال جو سگهي ٿي لکي،
ڪري سانت سا جي، ته جيءُ ٿو جلي،
ڪڇي ٿي، ڪڇڻ کان لڇا ٿي جهلي.

( ٥ )

اي راجا دشينت! اي پرجا پتي!
چمن ۾ لڳي چيٽ تو بن ڪتي!
گلابي گلن ۾ نه رونق رتي،
ڦٽي ٿوڳه ٿي، موج جا هئي متي،
ٿيو ڇهڇٽو چٽ متيو ماڳ آهه،
پکين ۾ به ورلاپ جو راڳ آهه.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(٦)

بچيو ٻاڻ ڪان مرگهه، ڏيئي ٻني،
مگر منهن ڏيئي مرگهه - نئني مُني،
نظر تيز ڪٽيا - نواسڻ ڪُني،
نه ساعت سنياري سگهي ٿي سني،
اوهانجي هٿن ۾ رڏي ۽ سڏي،
دوا آهه، درشن اتل اوشدي.

(٧)

پڇم ٿي لڪيندي، ٿي پورب ڏسان،
جهڪيرو ٿو پرڪاش پسجي جتان،
چوان ٿي اچانڪ اُپرندو اِتان،
پسي ساڪ سورج، ٿنور جان ٽلان،
اندازيءَ پنيان من سهائي اچي،
وچوڙي پنيان وصل وائي اچي.

(٨)

اوهان وس رشي - آشرم جي لڄا،
ڌرم ۽ مرم ڌرم جي لڄا،
اي راجن! اوهان وس شرم جي لڄا،
۽ 'بيوس' ڪنيا جي پرم جي لڄا،
ڏکي پشپ پاٽر ۾ هن پتر کي،
بچائج پوَن! چِتِر - پت چُتر کي.

□

وشوامتر جو پڇتاءُ

(ٻاڻ مان ڇاول شڪونتلا کي سندس ماءُ ميدڪا جي گود ۾ ڏسي)

(١)

نشاني پکي ٽون ٽتل يوڳ جي،
رشيءَ جي ٻري سنگ، سنجوڳ جي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سچي ثابتي ٿون وشڻ ۾ پوڳ جي،
صفا صاف تصوير ۾ من روڳ جي،
سچو سلسلو سادڻا چت ٿيو،
پڙيءَ سان ڪيل پاپ پرگهٽ ٿيو.

(٢)

چڙهي مڪت - مارڳ سندي ڪوٽ ٿي،
رسي گيان ۽ ڌيان جي چوٽ ٿي،
اچي سادنا يوڳ جي اوٽ ٿي،
ڪريس ڪنڌ پِر ڪام جي چوٽ ٿي،
وڌو مينڪا موهه - اوڙاهه ۾،
ويل پول پڃي رشي راهه ۾.

(٣)

مون سنسار سنبنڌ ڇڪيءَ سان ڇنا،
ڇڏي راڄ ۽ پاڳ جا سک ڏنا،
نه باقي رهي ڪامنا جت چاهنا،
وشڻ پوڳ جي اُت رسي واسنا،
عجب ڪام، ڪيڏي رسائي عجيب!
عبث آهه هن مان رهائي عجيب!!

(٤)

مون شڌ گيان گنگا ۾ غوطو هڻي،
پريو پاڻ ڪي ڪام ڪپ سان ڪٽي،
هٿس هنس، پر ڪانءُ ڪٿن پيس ٻٽي؟
نه موٽي وڙيا، ڪاڪ وشتا وٽي!
ڪيو نات ڪي نار تان جنهن نشار،
ڌڪار اهڙي وشواهتر تي ڌڪار!


Scanned with CamScanner

(٥)

أتي ڪام اگني رشي - ڪن منجهان!
ٿيو پاپ پيدا مني - من منجهان!!
ڦڳيو مست هاٿي ڪنول ٻن منجهان!!
ڪليو گل گرهستي ٽپي ٻن منجهان!!
ڪنڊون ڪام روپي ٻڌيءَ ٻرڇ کي،
سپاڙو ٽڪي ويو! ٽڪي ويو!! ٽڪي!!!

(٦)

ويا سونهن مچ ٽي پتنگ جان جلي،
رکيشر، منيشر، نبي ۽ ولي،
مها وير، يوڌا، بليسر بلي،
هليا هار ڪائي نه ڪنهنجي هلي،
نظر جو جتي تير ٺهڪي چڪو،
وويڪي ڪچو ڪانچ 'بيوس' پڪو!

## رشي آشرم

(١)

جتي سونهن سوڀيا جو ناهي ڪو پار،
جتي ڦوهه، جوڀن ۽ هردم بهار،
جتي خاص جهنگل ۽ منگل اپار،
جتي سبز سائي وڻن جي قطار،
سڳنڌي ۽ سينگار سهڻو جتي،
رشي آشرم جو ٺڪاڻو تتي.

(٢)

جتي مور ۽ مرگهه ناچون نچن،
جتي بي ڏڙڪ پولڙا پيا ٽپن،
أڏامڪ اچي خوب لاڏيون لنوَن،
پرندن، چرندن جون موجون مچن،

Soorih Mirani - Naudero


Scanned with CamScanner

اٿي جشن جيڪلن ۾ جنسي جتي،
رشي آشرم جو ٺڪاڻو ڪٿي.

(٣)

آهنسا ڌرم جو سهارو جتي.
گهمي شينهن سان مرگهه پيارو جتي،
ڦرن ساڻ ماڻهن جو آرو جتي،
نظارو سچو نينهن وارو جتي،
ستائڻ جو ورتاءُ ناهي جتي،
رشي آشرم جو ٺڪاڻو ڪٿي.

(٤)

جتي آهه آڪاس اوجل سدا،
هلي ٿي هوا صاف سيتل سدا،
وهي جل ٿو چشمن ۾ نرمل سدا،
مچي موج لهرين جي پلپل سدا،
رهي سورڳ روپي مزو ٿو جتي،
رشي آشرم جو ٺڪاڻو ڪٿي.

(٥)

جتي ڪند ۽ مول ڪي آ گذر،
جتي سانڍيڻو ناهه دنيوي سمر،
وڇاڻو ڪکن جو، وهاڻو پٿر،
ڪپي مرگهه ڇالا جو ننڍڙو ٽڪر،
نه ماري ڪڏهن گهرج گهوري جتي،
رشي آشرم جو ٺڪاڻو ڪٿي.

(٦)

جتي خيال اوچا ۽ سادو گذر،
جتي گيان ۽ ڌيان جو آهه گهر،
جتي آهه وديا جو اونهو اثر،
جتي ڪنهن خطا جو نه 'بيوس' خطر،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سدا يوڳ، جپ، تپ سماڌي جتي،
رشي آشرم جو نڪاٽو ٽتي.

□

## شروڻ ڪمار

(١)

چتڪي آيو چوهه مان ڪڙڪو ڪانُ ڪري،
ڪونڌر ڪناري ڪريو سريوءِ سيس ڌري،
هٿ پياسي پيءُ ماءُ جو جر ري جيءُ جري،
هتي ٻاڻ ٻري، شروڻ شيو شوير ۾.

(٢)

ٻَڙ ٻُڙ ڪندو جنن گهڙيو گهڙي ۾ پاڻي،
هن ٻه سيگه سنگين ڪئي هٿ هاٿي جاٿي،
اچي هن اتفاق سان سانجهي ٿي ساٿي،
اوندهه اياڻي، جنهن دوکو دسوت ڪي ڏنو.

(٣)

ٿڪيو، ڪري ٿهه ڪري ٻلي ٻاڻ جهلي،
پاڻي ڪٽي پيءُ ماءُ ڏانهن هاٿي ڪيئن هلي،
جيڪس جن جي جان ٿي ٻنا جل جلي،
ساٿن ڪير سلي، حقيقت هن حال جي.

(٤)

ناز نه جن کي نور ٿي جي اکين ڪان آجا،
رڻ ڪيءِ راجا، ٽن جي هڪ ئي هوت سان.

(٥)

ٽو جو هنيو هڪ تي، ٽنهن ٽنگر ماريا ٽي،
هڪ سَر منهنجي سر مٿي، ٻيو ٻيلو پٽا ٽي،
ٽنئين سيلي سيني کي سليو، منهنجي ماتا جي،
ٻنا جوت جوڙي کي ٽو ٽرچيو ٽير سان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(٦)

مونکي پنهنجي پاڻ جو راڄن! خاص نہ خيال،
پر مون ڏاران پيءُ ماءُ جو جڳڻ آهه جنجال،
مارينداٰ سنسار ۾ ساعت ساعت، سال،
کر ٻالائي ٻال، ٿن کي ٽاڻڻ سان وڃي.

(٧)

اِتي شروع شير جو ٻوٻون آهہ پساهہ،
سريوءَ ڪناري ساهہ، سورهيہ ڇڏيو سيگهہ ۾!

(٨)

دلو ڪئي دسرت ٻڳو نيڻ نچوئيندي،
راڄن روئيندي، هليو هوو ٺهار ٿي.

(٩)

اچڻ جي آواز جو پريان پين پرلاءِ،
اُتي پريم اُکير مان پڪاريو پيءُ ماءُ،
”دير ڪيہءِ ڪٽن داد لا، دل ۾ هو ڏڏڪاءُ،
آءُ هلي ٿون آءُ، انڌن جيون جا آسرا!“

(١٠)

سٽندي سڏڙو سڪ ٻريو، دسرت دل هاري،
هلي نہ هنياري، ڪڇي ڪڇڻ نہ اُڪلي.

(١١)

هٿ وس حيلن سان ڪٿي دسرت دليري،
چي: ”سريوءَ ڪناري سانجهہ ٿي البت انڌيري،
مون ٻي ڳج گمان ٿي سيگم سنٽين سيري.
ٻول ٿيو ڏيري، ٻهڳڻ منهنجي ٻاڻ سان.

(١٢)

سريوءَ ٿي سڏڪا ٻريا، ٽاب ڇڏي ٽحمل،
پاٺيءَ ۾ پٽدا ٿيو وڏو هلاچو هل،


Scanned with CamScanner

ڏسرت ڏکي ڏره ۾ ٻر ٽيو بلڪل،
جڏهن ڏيو گل، شروع جيوت جو ٽيو.

(١٣)

"ڏسرت ڏره وندن اُٿي ڪيئن اپو اپواڏ،
شرون ريءَ شواڻ، ڪندو ڪيو شوڏا رکي؟"

(١٤)

"اوهين ايوڌيا ڏنهن هلو جتي منهنجو راڄ،
الي اوهانکي ڪين ٽڳي ارچڻ يا احتياج،
هڪيو هميشه لاءِ رکان سک سمپت جو ساڄ،
ڪندس اوهانجو ڪاڄ، پنهنجي هٿين پاڻ مان."

(١٥)

وڪ پانيوُن هن ويرِ ٽا ايوڌيا ڳاڻ اڳني،
ساچڪيا چنتا جي ٻري لو جا ڏيل ڏني،
سڙي دل سکرات ئي ٻوڙي، ڪين ٻني،
چڏي سپ چني، اسان آس سنسار جي.

(١٦)

شروع سان چکيا چڙهيا، ورد ڪندا ورلاپ،
لپي ٻنهي لپسين ڏنو سڙندي مهل سراپ،
تہ دسرت لنهنجي لاءِ هي پرگهٽ ٿيندو پاپ،
پٽر سندو سنتاپ، سهندي مرنديِن سيگهه ۾.

□

لطيف حدانيہ

## پنهنجي خاوند جي قبر تي

أجڙيل حيائيءَ جا اُجها! سکٽي جياپي جا جهلا!
مان ڪٿن جيان جڳہ ۾ پلا، منهنجا مٺا لوڪانسوا.

١- سيني ۾ منهنجي ناه دل، آهي نہ آهي باه دل!
آتش وسائي آهٔ دل، شعلہ زن منهنجي صدا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## ١٣. ڇا ڪندي تدبير

١- ڇا ڪندي تدبير اُت، جت سخت دل صياد آهه،
بلبلين سان باغ ۾ اڄ اڻ پڇو بيداد آهه.

٢- بوند شبنم ۾ ڏسو نقلي حياتيءَ جو قصو،
زندگي لعظي اندر آباد ۽ برباد آهه.

٣- خاص لاڳاپو تڙي جو عشق عاميءَ ۾ اڙيو،
سو، بدن، دنيا ڀنهي جي بند ۾ آزاد آهه.

٤- مرم جي پردي مان نڪتي دانهن نازڪ درد جي،
ڪهڙي ڪهڙي تنهنجي هينان اي فلڪ فرياد آهه!

٥- شيام جي مرلي وجي شيوا مندر ۾ ڌوم سان،
اڄ نه بندرابن سندو اوڏڙ! اڳيون سو داد آهه.

٦- چشم روشن لاءِ هرجا فيلسوفي تي نچي،
عينڪي اکين لاءِ مگر ڪيڏي ڪتابي واد آهه!

٧- فڪر سان قولا ڪجي هر هنڌ شيرين تي ليي،
پر اسان ۾ توجهو جذبو ڪٿي فرهاد! آهه؟

٨- خوش لقا دنيا جي منهن تان لاهه ڏک درسي نقاب،
سک درس لاءِ جوُر دنيا دلربا دلشاد آهه.

٩- ڇا سندس تشبيهه 'بيوس' ماهه تابان سان ڪجي،
روءِ خوبان عاشقن لاءِ خود خدا آباد آهه.

□

## ١٤. دل جي مندر ۾

١- ڳپت ڳهڙ دل جي مندر ۾ پريم پوڄا واسطي،
ساڻ ڪڻ شرڌا ڦلن مٿ ڀوڳ ڀيٽا واسطي.

٢- مل هلي مهراج کي محتاج جي احتياج ۾،
ڳول ڪا دردي دکي دل شيام شيوا واسطي.


Scanned with CamScanner

۴- ڪاڻ ڪانهي ساهميءَ ۾، تور واري ۾ طمع،
غرض ۽ انسانيت ۾ ڀي هت ديانتدار ناهه.
۵- نياءَ پڻ نائي وڪامي ٿو وپاري راڄ ۾،
ڪورٽون ڪلدار لءِ، لاچار آ، آچار ناهه.
۶- پار آهي پوش ٿڳڙيءَ مان سڄي انصاف جي،
نياءَ جو نيزو مگر پوشاڪ زر مان پار ناهه.
۷- ٿو رهي ڏن رات ششدر، سک نه خود سرجو وٺي،
آهه چونڪيدار شاهي مال تي، رزدار ناهه.
۸- ڀيپ ۽ ڀيڪي ٿي لٽجي اڪ پرنه پراپڪار تي،
آ ء شاهوڪار رءِ زردار، پر سردار ناهه.
۹- نت رهي سو بندخانو لڙڪ، لوهوءَ سان ڀنل،
عام جي پئسي مٿان جت عام کي اختيار ناهه.
۱۰- مکت آنند جا بکيا، کي مان، ڏن ميچتا مُنا؟
لا تمنا، بي تعلق ٿي منجهن حقدار ناهه.
۱۱- جنس پوکيل ٿي جمي ’بيروس‘ دنيا جي کيت ۾،
هر خطا لءِ هر سزا، اسرار آ، سفسار ناهه.

□

۲۰. تو بنا

۱- تو بنا معني نه آهي محب! ملڪيت مال کي،
ڏن، بنا دل جي، وڏائي جيوتي جنجال کي.
۲- جنهن سکيا سان راهه روشن ٿئي نه، تنهنجي راهه ڏي،
سا سڏاري جي عوض، اُلٽو ڪري اعمال کي.
۳- نيڪ جذبي جي چڻنگ ٿوکي اُمنگ سان آگ ڪر،
ڪا سٺي ساعت سنواري ٿي سگهي سو سال کي.
۴- بڪ نه مر پر ٿي ڀهي هن برڪتي ڀنڊار جي،
وقت خاصي ڪاڻ آهي، ڪوٽ ۽ لهه لعل کي.

٦- تنهن لاءِ ٿي ماحول ۾ محتاج پيو ڦرين،
وسري دماغ، دل سندو اڄ ڪٿ پندار ويو.
٧- برڪت پري جهان منجهان دعوتون مليون،
ڪاڏي خوشين جو چا لڳي بيحد پندار ويو.
٨- آيو بٺي بهانو منهنجي امتحان لاءِ،
دنيا جي ڪوڙ تان ڪجي سڪٽو ستار ويو.
٩- ’بيوس‘ جڏهن خيال ٿيو ’نالو ڪيڏي وڃان‘،
خوبيءَ جو خوبرو چئي نازڪ نگار ويو!

□

## ٢٣- محب محسوس ڪجي

١- محب محسوس ڪجي صورت محبت بڻجي،
ٿي سچڻ چاڻ پوي صورت محبت بڻجي.
٢- تڏهن پردو ٿو هٽي چاڻ پريءَ چاڻ اڳيان،
جڏهن اُستاد اچي پار جي صورت بڻجي.
٣- تڏهن ٿو ذڪر زبانيءَ جو رهي ڪو نه ضرور،
جڏهن عالم ٿو اچي عامل سيرت بڻجي.
٤- ٿوڪي اچرج جي اکين سان ٿا تڪن عرش منجهان،
ٿون ٿو عبرت سان تڪين عرش تي عبرت بڻجي.
٥- ساز تي ڌار پوي پريم جي پوتر جل جو،
ٿو تتل دل تي اچي قرب ڪرامت بڻجي!
٦- تنهنجي نيڻن نه ڏٺا نينهن پريا نرت نشا،
عشق جنهنجو ٿو پوي عيش ۾ عشرت بڻجي.
٧- باغ ذرڙيءَ تان ويل، بوند بهاري تي وري،
ٿو اچي پنهنجو ڏنو پاڻ لاءِ نعمت بڻجي.
٨- ٿو ڪٽو ڪيچ ٿڳي، سنگ ٿو داڻي مان بڻي،
اي پلا! تنهنجو لهي پال ٿو برڪت بڻجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٩- نيچ نظرن ۾ ٻڌي پريم ڀري ڏون دنيا،
دل منديءَ ۾ تي اچي دور ٻــ هيبت ٻڌجي!
١٠- جنهنجي پردي ۾ ٽڪل شام سمهي ٽڳي ٿي صبح،
موت روپي تي اچي رات سا رحمت ٻڌجي.
١١- ڪنهنجي دروازي تـي دلدار دلاوا دولت،
هيچ، هيٺو ٿيو ڀوي حال ڪــ حضرت ٻڌجي!!
١٢- ڀرت پرتاپ پسڻ لاءِ رچيءِ رنگـ رنگي،
قرب ڪنهنجو تـو اچي ڪامل قدرت ٻڌجي.
١٣- ڪشت ڪاليءَ جي اندر آهـ ديالوُ درگا،
خاص منزل تي ڀوي رنج ٻـ راحت ٻڌجي.
١٤- شعر 'ڀمڀوس' جي متان پاڻ ڀوين سڀرش ڪر،
ڪنهنجي ناڪي سان ڀوي نظم نزاڪت ٻڌجي.

□

## ٢٣. ڪڻ سمر

١- ڪڻ سمر سولو سڀر ۽ هل سـفر جي واسطي،
وجهـ مليو سنسار ۾ آهي سمر جي واسطي.
٢- ڪاڻ آهي خود خوشيءَ جي، انت آنند جو نـ آهـ،
درد دنيا مان ڪٽي هل دوس در جي واسطي.
٣- پريم جي پاڇي اندر تـو ماٺ ۾ ميوو پچي،
پوت جهڙي چيز ناهي پور پچر جي واسطي.
٤- قيمتي هيري ڪٽيءَ ڪان آهــ قطرو قيمتي،
خون جو، هاريل خوشيءَ سان پو پڳهر جي واسطي.
٥- ٿي وني ويندي هتان، ويڙهي پراڻا واسطا،
ٿيو پلڪ پيکن ۾ گويا گهوٽ گهر جي واسطي.
٦- عام اکـ ۾ خام جي انڪيو ٻـڌي جو خار ٿي،
ٿيـو نظارو نـور جـو نرمل نظر جي واسطي.


Scanned with CamScanner

٨- ٿا لين جنهن سمنڊ جي لهرين منجهان موتي سچا،
ٿو وهي سو رات جي پوئين پهر جي واسطي.
٨- بحر وحدت ۾ وجهي جي ويڙ ويڙن ور چڙهيا،
سي ڪندا سعيو وري کهڙو ڪپر جي واسطي؟
٩- دور دنيا جو ڦري ڪهني مرض جي ٿو مثال،
ٿي ملي 'بيوس' دوا الٽي اثر جي واسطي.

□

### ٢٤. ڪير ڪيئن

١- ٿي تتي تار تنبوري جي ٽڪيءَ ٽاڻ ڪري،
تار انيڻو ٿي تتي محض گهٽيءَ جاڻ ڪري.
٢- ڪين نه سهراب جي ديدار لاءِ رستم ٿي سگهيو،
پيءُ، پٽ سان پيو لڙي پوءِ ته اڃان ڪري.
٣- ناهه اڻ جاڻ چڱي، ناهه چڱي جاڻ گهٽي،
ٿئي سفر ٿاب وچين واٽ جي اڳواڻ ڪري.
٤- ڪو ٻه ڪرڻ ٿي چڙهي ڪين رسي ٿو سچ ٿي،
ڪين ڪنهن ٻر ڪو پڇي پڙ ڪي ٿو پرماڻ ڪري.
٥- ڪير - ڪيئن ڪي ولوڙڻ سان مکڻ محب ملي،
ٿو ملي محب، محبت ڪي جي ماڻ ڪري.
٦- ناٿن ۾ آهن پريـن، ماٿن اندر ناٿن مٿا!
پاڻ ٿا پاڻ کان پنهنجي ٿيون پري پاڻ ڪري.
٧- "آءُ،" ٻاري ٿي رکي آگ منش منشا ۾،
سبز کيتي ٿي سڙي باهه ڏنل پاڻ ڪري.
٨- چيز دنيا جي گران قدر گران بار نه ڪا،
ماپ، ملهه آهه رکو موهه، ممت ماڻ ڪري.
٩- گهرج - گهوڙي ڪان طمع - باز سدا آهه ٽڪو،
لوڙ لنجي نه سگهي ٽنهنجي ڏنل ڏاڻ ڪري.


Scanned with CamScanner

### ٢٦. در تي دلبر

١- چشم ڪَرِ دل منتظر، نيچي نظر سان ڪير آ ؟
آهـ دروازي تي دلبر، در ڪلڻ جي دير آ!

٢- شوق مان شادي رچي راتو نـ مومل سان مليو،
خاص خلوت گاه ۾ پاتو نـ پياري پير آهـ.

٣- سڪ ڪيو سوگهو سڄڻ جي ڪين چائنث ڏان چُري،
پختگيءَ سان پير ۾ پيل نينهن وارو نير آهه.

٤- محبتي مرليون وڄائي هوت هرڪائي رهيو،
گهوٽ لءِ گهر ۾ گهڙڻ جو هي رڳو هڪ گهيرُ آهه.

٥- وير واجب ڏو نـ چاٽي برهـ ۾ بي عزتي،
پڙڪ هت باقي نه جو باهر گجندڙ شير آهه.

٦- تاج ۽ تلوار سلطاني پنهنجي باهر رکي،
سوکڙي سر تي کڻي آيو گلن جو ڍير آهه.

٧- سروَ شڪنيوان تي هِت در نـ ڪڙڪائڻ گهري،
حاڪميءَ ۽ عاشقيءَ ۾ فرق 'بيوس' ڦير آهه.

□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book